بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

٢

# سِنڌي ڪتاب

## استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ هڪ وسيع ادبي ۽ علمي ورثو موجود آهي. سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي طور پڙهائڻ هڪ اهم تعليمي عمل آهي، جنهن لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جديد تعليمي تحقيق ۽ عالمي معيارن جي بنياد تي سنڌي نصاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

اوڪسفرڊ پاران تيار ڪيل سنڌي ڪتابَ ٻارن جي پنهنجي ٻولي ۽ انهن جي آس پاس جي ماحول کي ڌيان ۾ رکندي لکيا ويا آهن. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٻارن جي مادري يا گهٽي استعمال ٿيندڙ ٻولي آهي، تنهنڪري هيءَ ٻوليءَ جي تدريس استادن لاءِ به وڏيڪ اثرائتي ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي رهي آهي. انهن ڪتابن ۾ ٻولي سيکارڻ وقت ٻارن جي فڪري، لساني ۽ سماجي واڌ ويجهه کي خاص ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.

ٻولي سکيا جي عمل ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اها رابطي، سمجهه ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهه ۾ مدد ڪري ٿي. ٻولي سيکارڻ جو عمل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان شروع ٿيندو آهي، جڏهن ته پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون گڏوگڏ ترقي وٺن ٿيون. ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ ئي ڳالهائڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري استاد لاءِ ضروري آهي ته هو ٻارن کي اڳ ئي سکيل ٻولي استعمال ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ڏئي. سنڌي پڙهائيندڙ استاد لاءِ رڳو ٻولي ڳالهائڻ ڪافي ناهي، پر سٺي، معياري ۽ صاف سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ اکر لکڻ پڻ لازمي آهي. استاد جو آواز نرم، انداز اثرائتو ۽ لهجو ٻارن جي عمر مطابق هئڻ گهرجي. هو اڳواٽ تياري سان، آسان ۽ اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، ٻارن کي شاباس ڏئي ۽ سندن ڳالهائڻ جي همت افزائي ڪري. ڪلاس ۾ ٻارن کي ڳالهرائڻ لاءِ استاد سبق ٻڌائڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرائي، سبق يا ڪهاڻيءَ جو خلاصو پڇي، سوال ڪري ۽ ٻارن کان پنهنجي راين جو اظهار ڪرائي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا وڌيڪ مؤثر ۽ اثرائتي بڻجي سگهي.

اوڪسفرڊ جي سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون، جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ، سمجهڻ وغيره. منظم نموني سان ڏاهيو ويو آهي. گڏوگڏ، انهن مهارتن کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب تدريسي طريقا به شامل ڪيا ويا آهن. استادن جو هي رهنما ڪتاب پهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي ڪتابن سان ڳنڍيل آهي ۽ سڀني درجن ۾ ٻولي سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ مربوط طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان ٻارن جي سکيا ۾ تسلسل برقرار رهي ٿو.

’سنڌي ڪتاب ٢‘ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اهتمام هيٺ تيار ڪيو ويو آهي، ۽ ان ڪتاب جي بنياد تي استادن لاءِ هي رهنما ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، ته جيئن استاد ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر، معنيٰ خيز ۽ ٻارن دوست تدريس ڪري سگهن.

# فهرست


| سبق | عنوان | سنڌي | اُردو |
|---|---|---|---|
| سبق ۱ | حَمدُ | ۱ | ۵۴ |
| سبق ۲ | پاڪ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحابِهٖ وَسَلَّم | ۳ | ۵۶ |
| سبق ۳ | نَعتَ | ۵ | ۵۸ |
| سبق ۴ | اسان جو پيارو وَطَنُ | ۸ | ۶۰ |
| سبق ۵ | قَائِداعظَم مُحمد عَلي جِناحُ رح | ۱۰ | ۶۲ |
| سبق ۶ | شهيد راشِد مِنهاس | ۱۲ | ۶۴ |
| سبق ۷ | سَچائِي ۽ اِيمانداري | ۱۴ | ۶۶ |
| سبق ۸ | پنهنجو وطن (نظم) | ۱۶ | ۶۸ |
| سبق ۹ | شَاهه عَبداللطِيفُ ڀِٽائِي رح | ۱۸ | ۷۰ |
| سبق ۱۰ | ڏَنڌا ۽ ڪَاروبَارَ | ۲۰ | ۷۲ |
| سبق ۱۱ | اَسان جُون رَانديُون (نظم) | ۲۲ | ۷۴ |
| سبق ۱۲ | صِحَت ۽ صَفائِي | ۲۴ | ۷۶ |
| سبق ۱۳ | عَقلمَند وَزِير (لوڪ ڪهاڻِي) | ۲۶ | ۷۸ |
| سبق ۱۴ | ڪِفايَت شِعارِي | ۲۸ | ۸۰ |
| سبق ۱۵ | جهِرڪِيُون (نظم) | ۳۰ | ۸۲ |
| سبق ۱۶ | روشنيءَ جِي اَهمِيتَ | ۳۲ | ۸۴ |
| سبق ۱۷ | بَسون ۽ ڪوچُون | ۳۴ | ۸۶ |
| سبق ۱۸ | سَٽ ڪُٽَ رَاندِ | ۳۶ | ۸۸ |
| سبق ۱۹ | اَخلاقِي قَدُر (نظم) | ۳۸ | ۹۰ |
| سبق ۲۰ | گورَڪ هِل جو سَيرُ | ۴۰ | ۹۲ |
| سبق ۲۱ | عَاشِرَ جِي اِيمانداري | ۴۲ | ۹۴ |
| سبق ۲۲ | مِينهِن اَسان جِي ڪَارِي (نظم) | ۴۴ | ۹۶ |
| سبق ۲۳ | اَسان جو مَاحولُ | ۴۶ | ۹۸ |
| سبق ۲۴ | پِروليُون | ۴۸ | ۱۰۰ |
| سبق ۲۵ | پَالتوءِ جهنگَ جا جَانوَر | ۵۰ | ۱۰۲ |
| سبق ۲۶ | عجب نِظارا (نظم) | ۵۲ | ۱۰۴ |

## سبق پهريون

### حمد

### سکيا جي حاصلات:

- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.
- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ڳالهائي سگهي.

### امدادي سامان:

- هڪ چارٽ تي لکيل سبق جي نئين لفظن جي معنيٰ
- سنڌي ڪتابُ ٢، صفحو نمبر ١ ۽ ٢

### سکيا جو طريقو:

استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١ تي ڏنل سبق "حمد" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو پهريون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)

جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد سوال ڪري ته "ڇا توهان مان ڪير ڄاڻي ٿو ته حمد ڇا کي چئبو آهي؟"جيڪي شاگرد جواب ڏين تن کي شاباس ڇئي ٻڌائي ته حمد خدا تعاليٰ جي تعريف ۾ چيل نظن يا کي چئجي ٿو. هاڻي حمد کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ بيت جيان سُر ۽ لئه سان پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي ته ٻارَ به غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ ان ئي سُر ۽ لئه سان پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نه اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي ته اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.

حمد پڙهڻ کانپوءِ هي سُوالَ زباني پڇو؟

١. حمد ڇا کي چئبو آهي؟
٢. هي حمد ڪنهن جو لکيل آهي؟ (استاد بخاري جو)
٣. سيني جا ڏک ڪير ٿو لاهي يعني ختم ڪري؟ (اسان جو پالڻهار الله سائين.)

### مشق:

(الف) بيت جو مڪمل سٽون

ڏٺي سڳورو يادِ ڪَجِي، تنهن کي پنهنجي دِلِ ڏِجي.
سيني جو سائين آهي، ڏک سيني جا سو ٿو لاهي.
سَيئي وڏائي تنهن جي ڳايو دلڙي پنهنجي تنهن سان لايون.

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. حمد نظم ۾ شاعر الله سائينءَ کي ياد ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي.

۲. الله سائين پنهنجي ٻارن وانگر اسان ساهوارن جي سارَ لهي ٿو.

۳. سڀني مخلوق کي الله سائين اُپايو آهي.

(ج) بي ترتيب جملن کي ترتيب ڏيو.

۱. انب ڏاڍو مٺو آهي.

۲. مون کي اڄ لڳي آهي.

۳. نصير پڙهي رهيو آهي.

(د) الله تعاليٰ جي نعمت بابت جملا. (ٻار ڪي ٻه جملا لکي سگهن ٿا, جيڪي سوال جو جواب ڏين)

۱. الله تعاليٰ اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي.

۲. الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي اولاد جيان پيار ڪري ٿو.

۳. الله سائين اسان سڀني جو خيال رکي ٿو.

۴. ساهوارن جي زندگي سولي ڪرڻ لاءِ الله سائين ڪيتريون ئي شيون پيدا ڪيون آهن.

۵. الله تعاليٰ اسان کي زندگي جهڙي نعمت عطا ڪئي آهي.

## سرگرمي.

استاد چار چار شاگردن جون ٽوليون ٺاهي ۽ ڪين پينسل جي مدد سان پنهنجي ڪاپيءَ ۾ گهر ٺاهڻ جي هدايت ڪندي انهن ۾ رنگ ڀرڻ جي هدايت ڪري.

## سبق ٻيون

## پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم

### سکيا جي حاصلات:

- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبقن کي درست اچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- لفظن جي زباني ٻڌايل صورخطيءَ جي صورت ۾ لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- هڪ چارٽ تي لکيل سبق جي نئين لفظن جي معنيٰ
- سنڌي ڪتابُ ٢، صفحو نمبر ٣-٤-۽ ٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٣ تي ڏنل سبق ”پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو پهريون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي، جيڪڏهن شاگرد جواب نه ڏئي سگهن ته سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد چٽي اُچار ۽ وڏي آواز سان سبق پڙهڻ شروع ڪري. ڌيان ڏيو ته ٻارَ سبق کي غور سان ٻڌي ۽ ۽ جواب ۾ توهان سان گڏ پڙهي رهيا آهن. شاگرد پڙهڻ دوران لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو به لفظ صحيح نه اُچاري سگهي يا هَٻڪَ ٿئي ته استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.

### ٻارن کي تقرير بابت ٻڌايو.

- تقرير سيني اڳيان بيهي پنهنجي ڳالهہ زور سان ٻڌائڻ کي چئبو آهي.
- تقرير ڪيئن ڪبي آهي؟ سڀ کان پهرين سلام ڪيو. پنهنجو نالو ٻڌايو. جنهن موضوع تي ڳالهائڻو آهي، ان تي ٿوريون ساديون ڳالهيون ڪيو. تقرير ۾ سٺا لفظ استعمال ڪريو. آخر ۾ سيني جا ٿورا مڃيو.
- مثال: السلام عليڪم. منهنجو نالو ماروي آهي. اڄ مان اسڪول بابت تقرير ڪندس.
- اسڪول ۾ اسان پڙهون ٿا، رانديون ڪيڏون ٿا ۽ استادن کان سکون ٿا. اسڪول اسان کي سٺو انسان بڻائي ٿو. لکڻ، پڙهڻ سان گڏ ادب به سيکاري ٿو. توهان سيني جا ٿورا.

## مشق:

(الف) خالي جاين جا صحيح جواب.

١. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي وڏڙن جو تعلق قريش خاندان سان هو.

٢. پاڻَ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي ڄمڻ کان ڪجهہ مهينا اڳ ۾ سندن والد وفات ڪري ويو.

٣. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ڇهين سالن جا ٿيا تہ سندن امڙ بيبي آمنہ بہ وفات ڪري وئي.

## (ب) سوالن جا جواب:

سوال ١ : پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ڪٿي ڄاوا؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم عَربستان جي شَهر مڪي ۾ ڄاوا.

سوال ٢: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي والدَ جو نالو ڇا هو؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي والدَ جو نالو حضرت عبدالله هو.

سوال ٣: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي اَمڙ جو نالو ڇا هو؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي اَمڙِ جو نالو بيبي آمنہ هو.

## (ج) جملن ۾ زير، زبرَ ۽ پيش جو دُرست استعمال.

١. هُنَ مونکي پينِ ڏِني آهي.

٢. بارَ گُل پَٽي رَهيا آهِن.

٣. اُستادِ/اُستادُ پَڙهائي رَهيو آهي.

## (د) پنهنجي ڪنهن بہ پسند جي موضوع تي پنج جملا لکو.

ڪتابُ انسانَ جو سَچو دوست آهي. ڪتابَ پڙهڻ سان علم وڌي ٿو. اسان کي صحيح رستو ڏيکارين ٿا. انهن کي پڙهڻ سان ذهن روشن ٿئي ٿو. ڪتاب سان پيار ڪرڻ گهرجي.

## سرگرمي

ٻارن جون ٽوليون ٺاهيو. انهن کي پاڻَ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي سيرت بابت تقرير جي انداز ۾ پنج پنج جملا ڪلاس آڏو ٻڌائڻ لاءِ چئو.

# سبق ٽيون

## نعت

### سکيا جي حاصلات:

- نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگهي.
- حمد ۽ نعت ۾ فرق سمجهي سگهي، پڙهي سگهي.
- گهر ۽ اسڪول ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.
- اعرابن (زير، زبر ۽ پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- هڪ چارٽ تي لکيل سبق جي نئين لفظن جي معنيٰ
- سنڌي ڪتابُ ٢، صفحو نمبر ٦ ۽ ٧

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦ تي ڏنل سبق "نعت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ٽيون سبق نعت پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي، جيڪڏهن شاگرد جواب نہ ڏئي سگهن تہ سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد سُر ۽ لئہ سان نعت وڏي آواز سان پڙهڻ شروع ڪري. اهڙو سُر ۽ لئہ جوڙو جيئن ٻارَ بہ ساڳي انداز ۾ پڙهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي يا هَٻڪَ ٿئي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- هي نعت پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي شانَ ۾ لکيل آهي. شاعر امداد حسيني پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم بابت لکندي چئي ٿو تہ سندن ٻاجھ سڄي انسان ذات لاءِ آهي. ٻلي ڪو دوست هجي يا دشمن، جن جو ڪو سهارو ناهي، پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم انهن جو سهارو آهن. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم ڪمزور ۽ غريبن جي طاقت پڻ آهن. ٻارو! قيامت تائين هو سڀني لاءِ رحمت جيان آهن.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ شاگردن کان پڇو تہ نعت ڇا هوندي آهي؟ نعت پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي شانَ ۾ چئي ويندي آهي. اِهو بہ پڇو تہ نعت ۽ حمد ۾ ڪهڙو فرق آهي.

## مشق:

(الف) ڏنل شعر جون مڪمل سٽون.

| | |
|---|---|
| جيءُ جيارا پاڻ سڳورا | تن جي لاءِ سهارا آهن |
| دوستُ هجي يا دشمن چاهي | ڪمزورن جي طاقت آهن |
| هِيڻن سان همراهه سدائين | سيني لئہ ٻاجهارا آهن |
| جن جو ڪو بہ سهارو ناهي | سڀ ڪان پيارا پاڻ سڳورا |

(ب) سبق جي سوالن جا جواب:

سوال ١ : دوست ۽ دشمن لاءِ ڪير ٻاجهارو آهي؟

جواب: اهي پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم آهن، جيڪي دوست توڙي دشمن لاءِ سهارو آهن.

سوال ٢ : جن جو ڪو سهارو ناهي، انهن جو ڪير سهارو آهي.

جواب: جن جو ڪو بہ سهارو ناهي، انهن جو سهارو پاڻ سڳورا صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم آهن.

سوال ٣ : هيڻن ۽ ڪمزورن جو ساٿي ڪير آهي؟

جواب: هيڻن ۽ ڪمزورن جو ساٿي پاڻ سڳورا حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم آهن.

(ج) هيٺ ڏنل هاڪاري جملن کي ناڪاري ۾ بدلايو.

| | |
|---|---|
| ١. اسان کي ڪوڙ ڳالهائڻ گهرجي. | اسان کي ڪوڙ نہ ڳالهائڻ گهرجي. |
| ٢. خراب ماڻهو سيني کي وڻندو آهي. | خراب ماڻهو ڪنهن کي نہ وڻندو آهي. |
| ٣. محنت ڪرڻ ۾ عيب آهي. | محنت ڪرڻ ۾ ڪو بہ عيب نہ آهي. |

(د) پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم تي پنهنجي لفظن ۾ پنج جملا لکو.

حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم الله جا آخري نبي آهن. اوهان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم سيني لاءِ رحمت بڻجي آيا. اوهان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا. اوهان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم ماڻهن سان پيار ۽ احترام ڪندا هئا. اسان کي گهرجي تہ اسان سندن زندگي تي هلون.

## سرگرمي

- نعت شروع ڪرڻ کان اڳ سيني کي سلام ڪيو ۽ بسم الله پڙهو. نعت ادب ۽ احترام سان پڙهو ڇو تہ اها حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي تعريف آهي. آواز صاف، آهستي ۽ مٺي لهجي ۾

هجي. نعت ختم ٿيڻ تي سڀني جو شڪريو ادا ڪيو.

- استاد شاگردن کي ڪلاس ۾ هر شاگرد کي مختصر ٣ منٽ آهن ته هو تياري ڪري.
- سڀ ٻار پنهنجي پنهنجي جاءِ تان يا ڪلاس اڳيان بيهي نعت پڙهن. بهترين نعت پڙهندڙ کي شاباس ڏيو.

## سبق چوٿون

# اسان جو پيارو وطن

سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- جملي ۾ لفظن جي باهمي ربط کي سمجهي پڙهي سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- زمان حال ۽ زمان ماضيءَ جي جملن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.
- زمان حال جي جملن کي زمان ماضي جي جملن ۾ بدلائي سگهي.

## امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٢، صفحو نمبر ٨-٩ ۽ ١٠

## سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٨ کولڻ جي هدايت ڪندو. سبق ”اسان جو پيارو وطن“ جون تصويرون ڏيان سان ڏسڻ جو چوندو. ٻڌائيندو تہ اڄ هو ڪتاب جو چوٿون سبق اسان جو پيارو وطن پڙهندا.
- (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- استاد پهريان سبق پاڻ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار بہ سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي يا ڪيس هَٻڪَ ٿئي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ڪيس ٻڌائي.
- هي سبق پاڪستان بابت لکيل آهي. جنهن ۾ پاڪستان جي آزادي بابت ٻڌايل آهي. ان ڪانسواءِ پاڪستان ۾ ڪهڙا ڪهڙا علائقا اچي وڃن ٿا، انهن بابت پڻ ٻڌائي ٿو. پاڪستان جو گاديءَ جو هنڌ ڪهڙو آهي، سندس وڏا شهر ڪهڙا آهن. ان ڪانسواءِ پاڪستان ۾ ڪهڙا ڪهڙا وسيلا موجود آهن. زمين ڪيئن آهي، آبادي ڪٿي رهي ٿي وغيره بابت ٻڌايل آهي.
- سبق پڙهڻ ڪانپوءِ شاگردن کان پڇو تہ وطن ڇا کي چئبو آهي؟ توهان جي خيال ۽ سمجهه ۾ وطن جي معنيٰ ڇا آهي؟ اسان جنهن ڌرتيءَ تي رهون ٿا ان کي وطن چوندا آهيون. اُها اسان جي سڃاڻپ هوندي آهي وغيره.
- استاد ٻارن کي زمان حال ۽ زمان ماضي جو فرق بہ ٻڌائي.
-

مشق:

(الف) خالي جاين جا صحيح جواب.

۱. ايراضيءَ جي لحاظ کان __________ سيني کان وڏو آهي. (بلوچستان)

۲. پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ __________ آهي. (اسلام آباد)

۳. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو شهر__________ آهي. (ڪراچي)

(ب) سوالن جا جواب:

سوال ۱ : پاڪستان ڪڏهن وجود ۾ آيو؟

جواب: پاڪستان ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ وجود ۾ آيو.

سوال ۲: پاڪستان جو ڪيترا صوبا آهن؟

جواب: پاڪستان جا چار صوبا آهن.

سوال ۳: آمدني، پيداوار ۽ قدرتي وسيلن جي لحاظ کان ڪهڙو صوبو اهم آهي؟

جواب: آمدني، پيداوار ۽ قدرتي وسيلن جي لحاظ کان سنڌ صوبو گهڻو اهم آهي.

(ج) زمان حال ۽ زمان ماضي جا جملا.

| زمان حال | زمان ماضي |
|---|---|
| نائلا ڪيڏي ٿي. | سمير لکيو. |
| مان ٽي وي ڏسان ٿو. | تيمور سمهي پيو. |

(د) پنهنجي وطن جي باري ۾ پنج کان ست جملا لکو.

منهنجو وطن پاڪستان آهي. ان ۾ ڪيترين ئي قومن جا ماڻهو رهن ٿا. اسان جي وطن ۾ درياءَ، ڍنڍون، ٻيلا، جبل، ريگستان وغيره آهن. هر صوبي وٽ پنهنجي ثقافت ۽ سونهَن آهي. جڏهن ڌار ڌار صوبن جا ماڻهو پاڻ ۾ ملندا آهن تہ گهڻو ڪجهہ سکڻ وٽان ملندو اٿن. اسان جو پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالامال آهي. اسان سيني جو فرض آهي تہ پنهنجي وطن جو قدر ڪريون ۽ ان جي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

## سرگرمي (شهرن جا نالا)

تصوير ۱: ڪراچي. تصوير ۲: لاهور. تصوير ۳. لاهور. تصوير ۴. اسلام آباد.

## سبق پنجون

# قائد اعظم محمد علي جناحؒ

### سکيا جي حاصلات:

- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ڳالهائي سگهي.
- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، پڙهي سگهي.
- هاڪاري ۽ ناڪاري، سوالي ۽ بياني جملا ٺاهي ۽ پڙهي سگهي.
- قومي، ثقافتي ۽ مذهبي ڏڻن ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي سگهي،

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پيون، صفحو نمبر ١١-١٢ ۽ ١٣

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١١ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "قائد اعظم محمد علي جناحؒ" جون تصويرون ڏيکاري پڇي ته هي ڪير آهي؟ توهان هن تصوير واري ماڻهو جي باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڄاڻيون ٿا؟ ان کانپوءِ ٻڌائيندو ته اڄ اسان قائد اعظم محمد علي جناحؒ جي باري ۾ سبق پڙهنداسين.
- (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي سبق کولڻ جي هدايت ڪريو. جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڇئي.
- استاد پهريان سبق پاڻ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار به سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. جيڪڏهن ڪو
- ٻارُ سبق جو ڪو به لفظ صحيح نه اُچاري سگهي يا ڪيس هَٻڪَ ٿئي ته استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ڪيس ٻڌائي.
- هي پاڪستان جي باني محمد علي جناحؒ جي باري ۾ آهي. جنهن ۾ قائداعظمؒ جي زندگيءَ بابت ٻڌايل آهي. ان ۾ قائداعظمؒ بنيادي تعليم ڪٿان پرائي، اعليٰ تعليم ڪٿان حاصل ڪيائين. هندستان ۾ رهندڙ مسلمانن جي حقن جي لاءِ سياست ڪيائين. پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيائين ته جيئن هتان جي ماڻهن کي الڳ ملڪ ملي سگهي ۽ هو آزاديءَ سان پنهنجي زندگي گذاري سگهن وغيره.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ شاگردن کان پڇو ته قائداعظمؒ جي ڪهڙي ڳالهه توهان کي پسند آئي؟ هن پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو؟ استاد ٻارن کي سادي ۽ سواليه جملي ۾ فرق سٺي طريقي سان سمجهائي.

## مشق:

(الف) درست جملن آڏو (✓) ۽ غلط جملن اڳيان (✗) جو نشان لڳايو.

١. قائداعظمؒ جي والد جو نالو جناح پونجا هو. ☑

٢. قائداعظمؒ جو پڙهڻ سان چاهہ هوندو هو. ☒

٣. قائداعظمؒ گهٽ ڪائيندو ۽ گهٽ آرام ڪندو هو. ☑

(ب) سوالن جا جواب:

سوال ١ : قائداعظمؒ جو پورو نالو ڇا هو؟

جواب: قائداعظمؒ جو پورو نالو محمد علي جناح رح هو.

سوال ٢ : قائداعظمؒ ڪڏهن پيدا ٿيو هو؟

جواب: قائداعظمؒ ٢٥ ڊسمبر ١٨٧٦ع ۾ ڄائو هو.

سوال ٣: قائداعظمؒ بنيادي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي هئي؟

جواب: قائد اعظم محمد علي جناحؒ بنيادي تعليم ڪراچي جي سنڌ مدرسة الاسلام مان حاصل ڪئي هئي.

(ج) سادن جملن کي سواليہ جملن ۾ مٽايو.

| سادو جملو | سواليہ جملو |
|---|---|
| نائلا ڪيڏي ٿي. | ڇا نائلا ڪيڏي ٿي؟ |
| سمير لکي ٿو. | ڇا سمير لکي ٿو؟ |
| تيمور سمهي ٿو. | ڇا تيمور سمهي ٿو؟ |
| مان ٽي وي ڏسان ٿو. | ڇا مان ٽي وي ڏسان ٿو؟ |

(د) لفظ پڙهو ۽ انهن مان جملا ٺاهيو.

| لفظ | جملو |
|---|---|
| لقبُ | محمد علي جناحؒ کي قائداعظم جو لقبُ مليو. |
| اڳواڻ | فاطمہ جناحؒ عورتن جي اڳواڻ هئي. |
| تحريڪ | پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن بہ حصو ورتو. |
| وڪالت | قائداعظمؒ برطانيا مان وڪالت جي تعليم حاصل ڪئي. |

## سرگرمي: (مشهور شخصيتن جا نالا)

تصوير ١: فاطمہ جناحؒ تصوير ٢: لياقت علي خان. تصوير ٣. علامہ محمد اقبالؒ

## سبق ڇهون

# شهيد راشِد مِنهاس

### سکيا جي حاصلات:

- آکاڻيون ۽ ننڍا واقعا ٻڌي خاص ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- ڪنهن واقعي بابت ٽن کان پنجن جملن ۾ پنهنجي ردعمل جو اظهاري ڪري سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- پنهنجي گهر جو ڏس پتو لکي سگهي.
- ڳالهائڻ ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن جي استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پيون، صفحو نمبر ١٤-١٥-١٦

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر 14 کولڻ جي هدايت ڪندي سبق ”شهيد راشد مِنهاس“ ڏسڻ جي هدايت ڪري. ڇا توهان ڪڏهن راشد منهاس جي باري ۾ ٻڌو آهي؟
- (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- سڀني شاگردن کي صفحو ١٤ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان سبق پاڙ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار بہ سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ڪيس ٻڌائي.
- هي سبق اهڙي ماڻهو جي باري ۾ آهي جنهن پاڪستان جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. 1971ع ۾ پاڪستان هندستان جي جنگ دوران هڪ پائليٽ غداري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ويڙهاڪ جهاز دشمن ملڪ ڏانهن اڏائڻ پئي چاهيو. راشد منهاس کي جڏهن خبر پئي تہ هن پنهنجي زندگي قربان ڪندي ائين ڪرڻ کان بچائي ورتو. سندس اهڙي قرباني تي پاڪستان جو وڏو اعزاز ”نشان حيدر“ ڏنو ويو. اُهو نشان پاڪستاني فوج جو وڏي ۾ وڏو انعام آهي. ڪيس ملڪ جي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ شاگردن کان شهيد راشد منهاس جي واقعي بابت انهن جي راءِ ۽ ردعمل ڄاڻڻ لاءِ سوال ڪري.

### مشق:

(الف) خالي جاين کي پريو.

١. سندس ٻالپڻ جا ڏينهن ڪراچي ۽ پوءِ راولپنڊيءَ ۾ گذريا.

٢.  هو ائيرفورس اڪيڊمي رسالپور ۾ داخل ٿيو.

٣.  ڪراچي ۾ پي اي ايف مسرور بيس تي مقرر ٿيو.

(ب) سوالن جا جواب:

سوال ١ : شهيد راشد منهاس ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: راشد منهاس ١٧ فيبروري ١٩٥١ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو.

سوال ٢: شهيد راشد منهاس ڪيترن سالن جي عمر ۾ ائيرفورس ۾ داخل ٿيو؟

جواب: راشد منهاس ١٧ سالن جي عمر ۾ ائيرفورس ۾ شامل ٿيو.

سوال ٣: شهيد راشد منهاس پنهنجي وطن تان جان ڪيئن قربان ڪئي؟

جواب: راشد منهاس کي جڏهن خبر پئي تہ سندس ساٿي غداري ڪري ويڙهاڪ جهاز کي ڀارت وٺي وڃڻ چاهي ٿو تہ هن جهاز کي زمين سان ٽڪرائي پنهنجي جان هن ملڪ تان قربان ڪري ڇڏي.

(ج) ناڪاري جملن کي هاڪاري جملن ۾ مٽايو.

| هاڪاري جملا | ناڪاري جملا |
|---|---|
| مان ڀين سان لکان ٿو. | مان ڀين سان نہ لکان ٿو. |
| نويد سائيڪل هلائي ٿو. | نويد سائيڪل نہ هلائي ٿو. |
| احسن ڊوڙي ٿو. | احسن نٿو ڊوڙي. |

(د) پنهنجي گهر جو درست پتو لکو.

مثال: گهر نمبر ٢٥، گلشن روڊ، لطيف آباد نمبر ٥،

حيدرآباد، ضلعو حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان.

## سرگرمي (عبارت جي سوالن جا صحيح زباني جواب شاگرد ڏيندا)

١. راشد منهاس ائير فورس جو پائلٽ هو.

٢. راشد منهاس جان قربان ڪندي ملڪ جي حفاظت ڪئي.

٣. شهيد راشد منهاس کي نشانِ حيدر سان نوازيو ويو.

## سبق ستون

# سَچائي ۽ اِيمانداري

### سکيا جي حاصلات:

- ڪا تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، ان تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- سادن جملن واري ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.
- ٣٠ يا ان کان وڌيڪ لفظن تي مشتمل عبارت پڙهي سگهي.
- ٻن يا ٽن پدن وارا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي لکي سگهي.
- جملي ۾ واحد ۽ جمع لفظن کي سڃاڻي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ١٧-١٨-١٩

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٧ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "سَچائي ۽ اِيمانداري" ڏسڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۽ ٧٨ ٧٧ تي ڏنل آهن.)
- سڀني شاگردن کي صفحو ١٧ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان سبق پاڙ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار بہ سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- سچائي ڇا کي چئجي ٿو؟ ايمانداري ۽ سچائي ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي آهي؟ ڇا توهان ڪڏهن ايمانداري ڪئي آهي، يا سچ ڳالهايو آهي؟ ڪو واقعو ٻڌايو جڏهن اوهان سچ ڳالهايو هجي؟
- سبق جو خلاصو ٻڌايو تہ ايمانداري ڇو ضروري آهي؟ سچ ڳالهائڻ ڇو ضروري آهي.
- سبق ڪانپوءِ واحد جمع جي سمجهاڻي ٻڌايو تہ: واحد: هڪ شيءَ يا هڪ ماڻهو. جمع: وڌيڪ يا گهڻيون شيون يا گهڻا ماڻهو.مثال: ڪتاب (واحد) ڪتابَ (جمع) گهوڙو (واحد) گهوڙا (جمع) ٻارُ (واحد) ٻارَ (جمع)
  جيڪڏهن شيءِ هڪ هجي تہ واحد. جيڪڏهن ٻہ يا وڌيڪ هجن تہ جمع.

### مشق:

(الف) خالي جاين کي ڀريو.

١. سچُ ٢. ايماندار. ٣. چڱائين.

(ب) سوالن جا جواب:

١. هر معاشري جي ترقي ۽ تعمير لاءِ سچائي ۽ ايمانداري ضروري آهي.

٢. سچائي مطلب سدائين سچ ڳالهائڻ، ايمانداري مطلب هر ڪم ۽ عمل ۾ ديانتداري ڪرڻ.

٣. اسان جا نبي پاڪ سڳورا سدائين سچ ۽ ايمانداريءَ تي قائم رهيا.

(ج) واحد ۽ جمع وارا جملا ڏار ڪريو.

| جمع | واحد |
|---|---|
| باغَ ۾ ڪيترائي وڻ ۽ ٻوٽا آهن. | منهنجي ٻڪري ڪاري آهي. |
| جهرڪيون وڻن تي ويٺيون آهن. | جهازُ اڏامي رهيو آهي. |

(د) سچائي ۽ ايماداري بابت پنج جملا.

١. سچ ڳالهائڻ سان سڀ ماڻهو خوش ٿين ٿا.

٢. ڪوڙ ڳالهائڻ خراب ڳالهه آهي.

٣. سچي ٻارَ تي دوست ۽ استاد اعتماد ڪن ٿا.

۴. ايماندار ماڻهو هميشه عزت ماڻيندو آهي.

۵. ڪوڙ سان آخر ۾ شرمندگي ٿيندي آهي.

٦. سچائي ۽ ايمانداري زندگي کي سٺو بڻائين ٿيون.

## سرگرمي

ڪلاس جي ٻارن جون چار ٽوليون ٺاهيو. هر ٽولي کي سچائيءَ جي هڪ واقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪرايو. ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان اڳ ٻارن کي تياري ڪرايو ۽ پوءِ جيڪا ٽولي سٺي ڳالهه ٻولهه ڪري، ان لاءِ تاڙيون وڄرايو.

## سبق اٺون

# پنهنجو وطن

### سکيا جي حاصلات:

- چئن کان پنج پدن وارا لفظ پڙهي سمجهي سگهي.
- نظم پڙهي ۽ ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي پنج کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ سمجهي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ٢٠-٢١-٢٢

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٠ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق ”پنهنجو وطن“ ڏسڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٨ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٢٠ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان نظم پاڻ سُر ۽ لئہ سان پڙهائي. گڏو گڏ ٻار بہ سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
  - هي نظم ڇا جي باري ۾ آهي؟ اسان جي وطن ۾ ڇا ڇا آهي؟ اُهو پيارو ڇو لڳي ٿو؟
  - نظم جي هر سِٽَ جو خلاصو ٻڌايو.
  - اکرن کي جوڙي لفظ ٺاهڻ بورڊ تي ڪري، ڏيکاري سمجهايو.

### مشق:

(الف) سٽون مڪمل ڪريو.

سرسبز هي جي ٻنيون، قدرت اسان کي ڏنيون.

اجرڪ ۽ پائي ٽوپي، هر هڪ لڳي سوپارو.

هر ٻار جي پڙهن ٿا، دل ديس سان رکن ٿا.

(ب) سوالن جا جواب:

١. پنهنجو وطن پيارو ۽ هر ديس کان الڳ يعني نِيارو لڳي ٿو.

٢.  پنهنجي وطن جو نظارو سهڻو يا خوبصورت لڳي ٿو.

٣. سهڻا ويس، لنگيون کيس، اجرڪ ٽوپي پنهنجي وطن جا ويس آهن.

(ج) اکر پڙهايوءِ ٻارن کان پڙهايو.

پيارو-نيارو-نظارو-اشارو.

(د) بي ترتيب جملا، ترتيب سان لکو.

١. اسان جي وطن جون ٻنيون سرسبز آهن

٢. وطن جا نظارا دل کي وڻندڙ آهن.

٣. قدرت اسان کي تحفو ڏنو آهي.

## سرگرمي

ٻارن کي تصويرن جا نالا، پهريان اکرن ۾ ٽوڙي، پوءِ لفظ لکڻ جو چئو.

ڪرسي-(ڪ ر س ي) ڪار (ڪ ا ر)-

## سبق نائون

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ

### سکيا جي حاصلات:

- مليل هدايتون ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- سادن جملن کي اتاري، درست صورتخطي لکي سگهي.
- زمان ماضيءَ جي جملن کي زمان حال جي جملن ۾ بدلائي سگهي.
- اعرابن (زير، زبر، پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي.
- اضافي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پيون، صفحو نمبر ٢٣-٢٤-٢٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٣ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٨ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٢٣ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان سبق پاڙ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار بہ سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. ٻارَ ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي تہ استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- هن سبق ۾ اسان ڇا پڙهيو؟ شاهہ لطيف کي ڇا جي ڪري سڃاتو ويندو آهي؟ ڪهڙي خاص ڳالهہ اٿس؟ سندس ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟ ڇا توهان کي شاهہ لطيف جو ڪو بيت اچي ٿو.
- سبق جو خلاصو ٻڌايو تہ شاهہ لطيف سنڌ جو وڏو شاعر آهي. سندس شاعري سنڌي ٻولي کي جيئاري ڇڏيو. هو صوفي هو صوفي خدا سان ۽ ان جي سڄي خلق سان پيار ڪندا آهن. هو مذهب، ٻولي، يا نسل جي بنياد تي فرق نہ ڪندا آهن. هو سيني کي هڪجهڙو پائيندا آهن. شاهہ جي شاعري ۾ بہ اِهو پيغام ملي ٿو.
- سبق کانپوءِ زمان حال ۽ زمان ماضيءَ ۾ فرق بورڊ جي مدد سان ٻڌايو: اِمڙ چانهہ ٺاهي رهي آهي. يعني جيڪو ڪم هن وقت ٿي رهيو آهي، اهو زمان حال آهي. زمان ماضي جيڪو ڪم ٿي چڪو آهي. امڙ چانهہ ٺاهي هئي. بابا شهر ويو هو.
- شاگردن کي لائبريري ۾ وٺي وڃو ڪتاب پڙهڻ جي اهميت ٻڌايو ۽ شاهہ لطيف تي ڪو ڪتاب پڙهڻ جي هدايت ڪريو. جيڪڏهن لائبريري ۾ نہ هجي تہ والدين کي چئي وٺڻ جي هدايت ڪريو.

## مشق:

(الف) ستون مڪمل ڪريو.

١. علم. ٢. حيدرآباد. ٣. شاهہ جو رسالو.

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاهہ عبداللطيف سن ١٦٨٩ع ۾ ڄائو.

٢. سندس بنيادي تربيت پنهنجي والد شاهہ حبيب ڪئي.

٣. شاهہ عبداللطيف جي ڪتاب ڪي شاهہ جو رسالو سڏيو ويندو آهي.

(ج) جملا زمان ماضي مان زمان حال ۾ مٽايو.

| زمان ماضي | زمان حال |
|---|---|
| مان اسڪول ويو هئس. | مان اسڪول وڃان ٿو. |
| ڪالهہ مهمان آيا هئا. | مهمان آيا آهن. |
| هن سبق ياد ڪيو هو. | هو سبق ياد ڪري رهيو آهي. |
| ٻارن راند ڪيڏي هئي. | ٻار راند ڪيڏن ٿا. |

(د) شاهہ عبداللطيف جو ڪو بہ بيت لکي ڏيکاريو. (ٻار پاڻ لکندا).

ٽڙيءَ ٽڏيءَ ڪاهِہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،

متان ٿيئي اونداهِہ، پيرنہ لهين پرينءَ جو.

## سرگرمي

شاگردن جون بہ ٽوليون ناهيو. شاهہ لطيف جا بيت لائبريري مان لکي اچي ٻڌائن. شاگردن کي ١٥ منٽ ڏيو. جيڪو واپس اچي وڌيڪ بيت ٻڌائيندو ان لاءِ ڪلاس اڳيان تاڙي وڄرايو.

## سبق ڏهون

# ڏنڏا ۽ ڪاروبار

### سکيا جي حاصلات:

- پنهنجي روزمره جي مشغولين بابت ٻڌائي سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي شيءِ بابت پنج کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- ڳالهائڻ وقت جملن ۾ آهي، هو، آهن، آهيان، تو تي، ٿا جو استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ٢٦-٢٧-٢٨-٢٩

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٦ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق ”ڏنڏا ۽ ڪاروبار“ ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنىٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٨ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٢٦ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان سبق پاڙ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار به سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. ٻارَ ڪو به لفظ صحيح نه اُچاري سگهي ته استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- هن سبق ۾ ڇا ڇا جي باري ۾ ٻڌايل آهي؟ ڏنڏو يا ڪاروبار ڇو ضروري آهي؟ توهان جا والدين ڪهڙا ڪاروبار يا ڪم ڪندا آهن؟ (ڌار ڌار شاگردن کان پڇو)
- سبق جو خلاصو ٻڌايو ته جيڪڏهن ڏنڏا ڪاروبار نه هجن ها ته ڪا ترقي نه ٿئي ها. دنيا جو ڪم ڪار نه هلي ها. ڇاڪاڻ ته هر ڪم هڪ ماڻهو نٿو ڪري سگهي، انڪري ڌار ڌار ماڻهو الڳ الڳ ڪم ڪن ٿا. جيئن هڪڙا گهر ٺاهن ٿا، ٻيا رنگ ڪن ٿا، هڪڙا ان جا اوزار ٺاهن ٿا. ڪي پڙهائن ٿا، ڪي ٻني ٻارو ڪري اسان لاءِ ڪاڌو پيدا ڪن ٿا. ڪي گاڏيون هلائن ٿا وغيره وغيره.
- ٻارن کان سندن روزمره جي مصروفيتن بابت پڇا ڪريو.
- آهي، آهن، هو آهيان جو استعمال بورڊ تي سمجهايو. جڏهن جملي ۾ ڪنهن هڪ شيءِ يا ماڻهو جي ڳالهه هوندي آهي ته آهي ٿيندو. اسڪول سومر تي ڪليل آهي، پر جي گهڻن اسڪولن جي ڳالهه ٿئي ته آهن ٿيندو. سڀاڻي سڀ اسڪول ڪليل آهن. هو پڙهي ٿو. جيڪڏهن گهڻا هوندا ته هو پڙهن ٿا. اهڙي ريت آهيان، آهن جو به ساڳيو واحد جمع جو فرق آهي.

## مشق:

(الف) صحيح جملي تي (✓) ٽڪ مارڪ لڳايو.

۱. صحيح.

۲. غلط

۳. غلط

۴. صحيح.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. بينچ تي ويهي هو سوچي رهيا هئا ته جيڪڏهن ڏنڊا ڪاروبار نه هجن ها ته ڇا ٿئي ها.

۲. ڏنڊا ۾ ڪاروبار نه هجي ها ته دنيا صحيح نه هلي ها.

۳. درزي جو ڪم ڪپڙا سبڻ هوندو آهي.

(ج) مناسب لفظ لڳايو.

۱. آهن. ۲. آهي. ۳. آهيان. ۴. آهي.

(د) پنهنجي پسند جي ڏنڌي تي پنج کان ست جملا لکو.

منهنجي پسند جو ڏنڌو هاري جو آهي. هاري زمين ۾ ڪم ڪندو آهي. هو ٻني کي هر ڏئي ٻج پوکي ٿو. فصل جي سارسنڀال ڪري ٿو. هاري محنتي هوندو آهي. هاري جي ڪري اسان کي اناج ۽ ڀاڄيون ملن ٿيون.

## سرگرمي

شاگردن کي چئو ته تصويرون ڏسي سوالن جا جواب ڏين. (سندن رهنمائي ڪريو)

## سبق يارهون

### اسان جُون رانديون

### سکيا جي حاصلات:

- پنهنجي اسڪول ۽ گهر بابت سوال ٻڌي انهن جا جواب ڏئي سگهي.
- گهر ۽ اسڪول مان مليل هدايتن کي بيان ڪري سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ کان ويهن تائين ڳڻپ جي لفظن کي انگن ۾ لکي سگهي.
- عددي رتا (ارڙهن، ارڙهين، اوڻيهه، اوڻيهين) جو فرق سمجهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ٣٠-٣١-٣٢

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٣٠ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "اسان جون رانديون" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٨ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٣٠ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان نظم پاڻ سُر ۽ لئه سان وڏي آواز ۾ پڙهي. گڏو گڏ ٻار به وڏي آواز ۾ پڙهن. ٻارَ ڪو به لفظ صحيح نه اُچاري سگهي ته استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- توهان کي ڪهڙي راند وڻندي آهي ۽ اُها راند ڇو وڻندي آهي؟ (ڌار ڌار شاگردن کان پڇو)
- سبق جو خلاصو ٻڌايو ته رانديون اسان جي لاءِ تمام ضروري آهن، ان سان دماغ ۽ جسم تندرست رهي ٿو. ٻارن کي مزو اچي ٿو. هي نظم به راندين بابت آهي. وڌيڪ نظم مان خلاصو ٻڌايو.
- انگن جرتا_ ١ پهريون، پهرئين، ٢ ٻيون، ٻن، ٻئين، ٣ ٽيون، ٽن ٽئين، ويهه تائين بورڊ ذريعي سمجهايو.

### مشق:

(الف) بيت جون سٽون مڪمل ڪرڻ

١. موٽي سڀ اسڪولن مان، اٿي شام نند منجهان.

٢. هي ڪرڪيٽ جي دنيا آهي، هرڪو ٻار انهيءَ کي چاهي.

٣. اڄو ۽ سيني کي ساراهيو جنهن ڪٽيو جنهن هارايو.

٤. سيني پنهنجي ڪوشش ڪئي آ، شام سٺي ئي گذري وئي آ.

(ب) سوالن جا جواب:

١. اسڪول مان موٽي ۽ ننڊ مان اٿي ٻارَ راند ڪندا آهن.

۲. ڪرڪيٽ جي راند کي هرڪو ٻار چاهيندو آهي.

۳. ان کي پيار ۾ چاهڻ گهرجي.

(ج) انگن جي رٿا مٽايو.

چئن، چوٿين. اٺن، اٺون ، ٻارهين، ٻارهون، ارڙهون، ارڙهين، ويهن، ويهون.

(د) هڪ کان ويهن تائين انگ لکي ڏيکاريو.

پهريون-ٻيون-ٽيون-چوٿون-پنجون-ڇهون-ستون-اٺون-نائون-ڏهون-يارهون-ٻارهون-تيرهون-چوڏهون-پندرهون-سورهون-سترهون-ارڙهون-اوڻيهون-ويهون.

## سرگرمي.

- (ڇا اوهان کي خبر آهي ٻڌايو) ڪلاس جون ٻه ٽيمون ٺاهي مختصر ڪرڪيٽ راند ڪرايو. راند ۾ استاد امپائر جو ڪردار ادا ڪري، کين راند ۾ ايمانداري ۽ جذبي بابت آگاهي ڏئي.

# سبق ٻارهون

## صحت ۽ صفائي

### سکيا جي حاصلات:

- هڪ منٽ ۾ ٦٠ لفظ درست اچار سان پڙهي سگهي.
- جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظ سڃاڻي سگهي.
- زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سٺين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.
- ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ڀڃي، جوڙي ۽ ٽوڙي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتاب ٻيون، صفحو نمبر ٣٣-٣٤-٣٥-٣٦

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٣٣ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "صحت ۽ صفائي" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٨ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٣٣ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- استاد پهريان سبق پاڻ پڙهائي. گڏو گڏ ٻار به سبق وڏي آواز ۾ لفظن کي اُچاري پڙهندا رهن. ٻارَ ڪو به لفظ صحيح نه اُچاري سگهي ته استاد اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار سڄي ڪلاس اڳيان ٻڌائي.
- اوهان پنهنجي صحت جو خيال ڪيئن رکندا آهيو؟ (ڌار ڌار شاگردن کان ڳالهه ٻولهه ڪرايو)
- سبق جو خلاصو ٻڌايو ته هي سبق صحت ۽ صفائيءَ جي باري ۾ آهي. وڌيڪ تفصيل ڪتاب مان ٻڌايو.
- ٻارن کان هڪ منٽ ۾ ٦٠ لفظ پڙهائڻ جي مشق ڪرايو. اُچار صحيح ڪرايو.
- سمجهايو: مذڪّر ۽ مؤنث لفظن سان اسان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين يعني نر ۽ مادي جي وچ ۾ فرق ٻڌائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهيون. جيڪي لفظ ڇوڪرن يا مردن لاءِ ٿين، سي مذڪر، جيڪي لفظ ڇوڪرين يا عورتن يا مادين لاءِ ٿين، سي مؤنث هوندا آهن. جانورن، ماڻهن، شين سيني ۾ سنڌيءَ ۾ مذڪر ۽ مؤنث هوندا آهن.
- تقرير جو انداز سمجهايو. تقرير ۾ پنهنجو نالو ٻڌائبو آهي، موضوع جو نالو به ٻڌائبو آهي. پوءِ تاثرات سان پنهنجي موضوع تي جملا ڳالهائبا آهن. مخاطب سامهون ويٺندڙن سان ٿبو آهي.

## مشق:

(الف) صحيح جملي تي ٽڪ مارڪ لڳايو.

۱. صحيح

۲. ، غلط

۳. صحيح.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. اعجاز نديم ۽ رميز وچ ۾ دوستي هئي.

۲. گندگي کان پري رهڻ ڪري صفائي رهندي آهي، صحت سٺي رهندي آهي.

۳. استاد صفائي رکڻ جي فائدن بابت ڪلاس ۾ ڳالهه ڪئي.

(ج) مذڪر ۽ مؤنث سمجهايو

مذڪر: گهوڙو اُٺ... مؤنث: ٻلي، ٻڪري

(د) توهان سڄي ڏينهن ۾ ڇا ڇا ڪندا آهيو؟

مان صبح اٿڻ وقت ڏند صاف ڪري وهنجندو آهيان. پوءِ نيرن ڪري اسڪول ويندو آهيان. اسڪول ۾ واپسيءَ کانپوءِ ننڊ ڪندو آهيان. ننڊ مان اٿي راند روند ڪندو آهيان. سمهڻ کان اڳ اسڪول جو ڪم ڪري ڇڏيندو آهيان.

## سرگرمي.

- تقرير ڪرايو. شاگردن کي ٻڌايو تہ تقرير لاءِ تاثرات جو استعمال لازمي ڪن.

## سرگرمي ۲:

- نقطن تي پينسل ڦيرايو ۽ تصوير ۾ رنگَ ڀرايو.

## سبق تيرهون

## عَقلمَندُ وزير (لوڪ ڪهاڻي)

### سکيا جي حاصلات:

- آکاڻي ٻڌي، انهن جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.
- گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن جي لکيل آکاڻي بلند آواز ۾ سمجهي پڙهي سگهي.
- لائبريريءَ ۾ موجود آکاڻين ۽ نظمن جا ڪتاب پڙهي سگهي.
- مختصر آکاڻي يا نظم پڙهي ان تي ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو ردعمل لکي سگهي.
- ڳالهائڻ يا لکڻ وقت (۾، تي، کي، کان، مان، سان وغيره) جو مناسب استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ٣٧-٣٨-٣٩

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر 37 کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "عقلمند وزير" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي 78 تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ٣٧ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- سبق کي مختلف حصن ۾ ورهائي، ٻارن کان وڏي آواز ۾ پڙهايو.
- هن ڪهاڻي ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ (ڌار ڌار شاگردن کان پڇو)
- هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي خبر پئي ٿي؟ ڇا سکڻ لاءِ ملي ٿو؟
- ٻارن کي مان، تي، ۾، سان، جو استعمال بورڊ تي سمجهايو.
- شاگردن کي لائبريري ۾ وٺي وڃو، آکاڻين جا ڪتاب ڏيکاريو ۽ وچن ڪرايو ته هو ڪهاڻيون پڙهندا.

### مشق:

(الف) خالي جايون ڀريو.

١. بادشاهه

٢. درٻار

٣. سياڻي

(ب) سوالن جا جواب:

١. بادشاهه جي درٻار ۾ هڪ ڪاٺي شخص کي پيش ڪيو ويو.

٢. ان ماڻهوءَ خلاف شڪايت هئي ته هو منحوس يا نياڳو آهي.

۳. بادشاھ تڪڙ ۾ فيصلو ڏيڻ بدران سوچڻ ۽ ان ماڻھوءَ کي پرکڻ جو فيصلو ڪيو.

(ج) خالي جايون جا حروفِ جر.

۱. ۾

۲. کان

۳. تي

۴. کي

(د) پنھنجي پسنديده موضوع تي پنج کان ست جملا لکو.

مونکي آکاڻيون پڙھڻ پسند آھن. منھنجو بابا آکاڻيون وٺي ايندو آھي. خاص ڪري نبي بخش بلوچ پاران سنڌ جون آکاڻين وارو ڪتاب مونکي وڻندو آھي. ان ۾ ڏنارن، بادشاھن، ديون ۽ پرين جون آکاڻيون آھن. انھن آکاڻين پڙھڻ ۾ مزو ايندو آھي. مان پنھنجي ڀائرن ۽ ڀينرن کي بہ اھي آکاڻيون ٻڌائيندو آھيان.

## سرگرمي.

- انٽرنيٽ تان ٻارن کي سنڌي آکاڻي جو وڊيو ڏيکاريو پوءِ ان بابت سوال پڇو.

# سبق چوڏهون

## ڪِفايت شعاري

### سکيا جي حاصلات:

- سادا جملا ٻڌي سمجهي سگهي.
- پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت پنج کان اڻ سادا جملا لکي سگهي.
- جملن ۾ واحد ۽ جمع جو درست استعمال ڪري سگهي.
- روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ۴۰-۴۱-۴۲

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۰ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق ”ڪفايت شعاري“ ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۷۹ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ۴۰ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- پهريان سبق پاڻ وڏي آواز ۾ پڙهو پوءِ واري واري سان سبق کي ننڍين حصن ۾ ورهائي ٻارن کان پڙهايو.
- ڪفايت شعاري (بچت) ڇا آهي؟ اُها ڇو ضروري آهي؟ بچت ڪرڻ سان ڇا ٿئي ٿو؟
- اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪفايت شعاريءَ کي ڪيئن ڪم آڻي سگهون ٿا؟
- پئسن، وقت کانسواءِ ٻين ڪهڙين شين جي بچت ڪرڻ گهرجي؟ (ڌار ڌار شاگردن کان پڇو)
- ٻارن کي ”آهن، آهيان، آهي“ جو استعمال بورڊ تي سمجهايو.

### مشق:

(الف) خالي جايون ڀريو.

۱. پئسن

۲. فضول

۳. زندگيءَ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پنهنجي خرچن ۽ وسيلن کي ضرورت موجب استعمال ڪرڻ انهن کي ضايع ڪرڻ کان بچائڻ.

۲. بچت رڳو پئسن جي نہ پر وقت ۽ ٻين وسيلن کي بچائڻ بچت آهي.

۳. حيثيت کان وڌيڪ خرچ ڪندڙ ٻين اڳيان هٿ ٽنگين ٿا، پريشان رهن ٿا، سماج ۾ خوار ٿين ٿا.

(ج) خالي جايون جا اسمِ ضمير.

۱. هو
۲. آهن
۳. آهيان
۴. آهي

(د) پنهنجي اسڪول يا گهر بابت پنج ڪان اٺ جملا لکو.

منهنجو گهر صاف سٿرو آهي. گهر جي اڱڻ ۾ نم جو وڻ لڳل آهي. اتي مان راند ڪندو آهيان. اسان جي اسڪول ۾ به ڪيترائي ٻوٽا ۽ وڻ آهن. اهي ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن. اسڪول کي سنڌي سهڻن لفظن سان سينگاريو ويو آهي.

## سرگرمي

- شاگردن جون به ٽوليون ٺاهيو. ڪفايت شعاري بابت ڳالهيون لکي، پوءِ ٽولين ۾ ٻڌايو. شاگردن کي چئو ته بچت يا ڪفايت شعاري بابت پهريان تياري ڪن، پوءِ ڪلاس اڳيان ٻڌائن. سٺي ٽولي کي شاباس ڏيو.

## سبق پندرهون

# جهرڪِيون

### سکيا جي حاصلات:

- لطيفا، شعر ۽ پروليون ٻڌائي سگهي.
- مختصر نظم يا آکاڻي پڙهي ان تي ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو ردعمل لکي سگهي.
- ڪا بہ تصوير ڏسي ان بابت پنج جملا لکي سگهي.
- جملن ۾ مذڪر ۽ مؤنث جو درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ۴۳-۴۴-۴۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۳ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق ”جهرڪيون“ ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۷۹ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو۴۳ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- پهريان نظم وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئہ سان پڙهو. پوءِ واري واري سان نظم کي ورهائي ٻارن کان پڙهايو. آخر ۾ سيني ٻارن کي گڏجي هڪ سُر ۾ نظم پڙهايو.
- ڇا توهان جي گهر ۾ جهرڪيون آهن؟ اهي ڪهڙو آواز ڪيدنيون آهن؟ ڇا اوهان کي جهرڪيون وڻنديون آهن؟ اهي ڇو وڻنديون آهن؟ جهرڪين پنهنجا گهر ڪٿي ٺاهينديون آهن؟

(ج) سرگرميءَ کان اڳ ٻيهڪ جي نشاني سوال ۽ دم، اڌ دم سيکاريو پوءِ اها سرگرمي ڪرايو.

### مشق:

(الف) بيت جون مڪمل سٽون.

۱. هِن ٽاريءَ تان، هُن ٽاريءَ تان، نينگ ڏين ٽيون، پرواريءَ تان.

۲. اُڏري ايندي‌يون ندي ڪناري، ٽورو ٽورو پاڻي هاري،

۳. صبح منجهند يا سانجهيءَ ٽاڻي، ڪٿان ڪٿان کي ڪڪڙا آڻي.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. جهرڪيون چون چون، چين چين ڳائينديون آهن.

۲. هن ٽاريءَ کان هن ٽاريءَ تي جهرڪيون نينگ ٽپا ڏيندا آهيون.

۳. جيڪڏهن ڪو واهي ناهي، تہ جهرڪيون ڪچا سنگ يا ان ڪائي ويندي‌يون آهن.

(ج) بيهڪ جون نشانيون پڙهايو.

١. مون کي وڃڻو هو پر نہ ويس.

٢. منهنجو ڪم ٿي ويو آهي.

٣. ڇا سياٽي موڪل آهي؟

(د) مذڪر ۽ مؤنث جملن ۾ استعمال ڪرڻ.

ڪٻري اڏامي وئي. ڪانءُ لولو ڦري ويو. ڪُڪُڙَ ٻانگ ڏني. ڪُڪِڙِ آنو لاٿو. ڏاند ۽ ڳئون ٻني ۾ چرن ٿا.

(هہ) تصوير ڏسي، پنج جملا لکو.

ٻار باغ ۾ بال سان کيڏي ٿو. باغ ۾ جهولو آهي. بينچ خالي آهي. وڻ مٿان پکي اڏامن ٿا. باغ ۾ گُل آهن.

## سرگرمي

- ٻارن کي پکي ڏيکارڻ لاءِ ڪلاس کان ٻاهر موڪليو. ڏيان سان ڏار ڏار پکي ڏسن. جن پکين جا ٻارن کي نالا نہ اچن، اُهي ٻڌايو. پکي ڏسڻ کانپوءِ پڇو تہ هنن ٻاهر ڪهڙا پکي ڏٺا.

## سبق سورهون

# روشني جي اهميت

### سکيا جي حاصلات:

- مختصر آکاڻي ۽ نظم درست ترتيب ۽ رواني سان پڙهي سگهي.
- روزمره جي زندگي بابت شيون ۽ تصويرون ڏسي، گهٽ ۾ گهٽ پنج کان ستن جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ٺاهي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ۴٦-۴۷-۴۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴٦ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "روشني جي اهميت" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي 79 تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ۴٦ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو.
- روشني ڇا آهي؟ اُها اسان کي ڇو گهرجندي آهي؟ سوچيو جيڪڏهن روشني نہ هجي ها تہ ڇا ٿئي ها؟
- اسان کي روشني ڇا ڇا مان ملندي آهي؟ (جواب وٺو جيئن سج، چنڊ، بتي، بلب، باهہ وغيرهہ)
- ٻارن کي ٻڌايو تہ خدا سائين هر شيءِ ساهوارن لاءِ ٺاهي آهي. ڏينهن سان گڏ رات بہ پيدا ڪئي اٿائين. روشني نہ هجي ها تہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهون ها. فصل نہ پچن ها، ڪا شيءِ ڏسي نہ سگهو ها.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ: واحد ۽ جمع سنڌيءَ ۾ لفظن جي تعداد ٻڌائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.
- جيڪڏهن ڪا شي يا ماڻهو هڪ هجي تہ اهو واحد چئبو ۽ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ هجن تہ جمع ٿيندو. مثال طور: ڪتابُ واحد آهي، جڏهن تہ ڪتابَ جمع آهن. اهڙي طرح ڪتو واحد آهي، ڪتا جمع آهن. ڪجهہ لفظن ۾ مٿان پيش لڳائي واحد ٿيندو آهي، جيئن ڪکُ، جمع ۾ وري زبر لڳائبي آهي، جيئن ڪکَ. ڪن لفظن ۾ وري آخر ۾ الف لڳائبو آهي. جيئن ڪُتو ۽ ڪتا. ننڍو ننڍا. ٿورو ٿورا وغيرهہ
- شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي پڙهڻ جي سرگرمي ڪرايو. گهڙيال يا واچ ۾ وقت ڏسو ۽ هڪ منٽ ۾ ۳۰ لفظ درست رواني ۽ درست اچار سان پڙهڻ جي مشق ڪرايو.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

١. روشني ٢. روشني ٣. روشني

(ب) سوالن جا جواب:

١. روشني اسان جي زندگيءَ جو ضروري حصو آهي. ان کانسواءِ ڪجهه نه ڪري سگهنداسين.

٢. روشني جي قدرتي وسيلن ۾ سج، چنڊ ۽ تارا اچي وڃن ٿا.

٣. روشني جي هٿرادو وسيلن ۾ بجلي، سولر، گئس تي هلندڙ بلب، بتيون، ميڻ بتيون وغيره اچن ٿا.

(ج) واحد جمع: ٽليهو-ٽيلها. ٻلي-ٻليون. ڪتابُ-ڪتابَ. گهوڙو-گهوڙا.

(د) پسند جو موضوع: نم جو وڻ: منهنجي پسند جو وڻ نم جو وڻ آهي. بابا اُهو وڻ لڳايو آهي. مان ان کي پاڻي ڏيندو آهيان. گذريل سال بابا لڳايو هو ته اُهو ننڍو هيو. هاڻ اُهو وڻ وڏو ٿي ويو آهي. منهنجي قد کان به وڏو آهي. مان ان کي ڏهاڙي پاڻي ڏيندو آهيان. وڻ وڏو ٿيندو ته مان ان جي هيٺان ويهندس. گرمين ۾ ان تي لڏندس.

## سرگرمي

- تصوير ڏسي، هر هڪ بابت ٽي کان پنج جملا لکو.
- تارا رات جو نظر ايندا آهن. اُهي آسمان ۾ ٽمڪندا آهن. چنڊ ناهي هوندو ته اُهي گهڻا هوندا آهن. بابا مونکي تارا ڏيکاريندو آهي. هڪڙا وڏا تارا هوندا آهن. هڪڙا ننڍا تارا هوندا آهن. صبح جو مان اٿندو آهيان. ته هڪڙو تارو بيٺل هوندو آهي. سج اچڻ کانپوءِ سڀ تارا گم ٿي ويندا آهن. بلب بجلي تي هلندو آهي. رات جو اسان اُهو ٻاريندا آهيون. بلب ٻاري مان ڪهاڻي پڙهندو آهيان. اسڪول جو ڪم به ان بلب هيٺان ڪندو آهيان.

## سبق سترهون

### بَسون ۽ ڪوچون

### سکيا جي حاصلات:

- عوامي جڳهين، روڊن، رستن تي ڏنل هدايتون پڙهي سمجهي سگهي.
- ڪردار ۽ شين بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- اعرابن (زير، زبر ۽ پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن جانور، پکي، شي يا راند بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ۴۹-۵۰-۵۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۹ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "بَسون ۽ ڪوچون" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۷۹ تي ڏنل آهن.)
- سڀني شاگردن کي صفحو ۴۹ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو.
- بسون، ڪوچون، ريلون، جهاز ڇا لاءِ هوندا آهن (ماڻهن ۽ سامان کڻڻ لاءِ)؟ جڏهن بسون ۽ ڪوچون نہ هونديون هيون تہ ماڻهو سفر ڇا تي ڪندا هئا؟ (ٻارن کي خبر نہ هجي تہ استاد ٻڌائي.) ڏکي سفر لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون سُواريون ڪم اينديون آهن؟ (بس، ڪوچ، جهاز، ريل، ڪار)
- توهان مان ڪنهن ڪنهن ڪڏهن بس يا ڪوچ تي سفر ڪيو آهي؟ ڪلاس اڳيان ٻڌايو تہ اُهو سفر ڪيئن هو.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اسان جي اچ وڃ لاءِ هڪ شهر کان ٻي شهر تائين بَسون ۽ ڪوچون تمام ضروري آهن. اُهي سفر تڪڙو ۽ آرام پريو ڪنديون آهن. ماڻهو تڪڙو هڪ کان ٻي شهر انهن تي سوار ٿي ويندا آهن. ننڍين شهرن کان وڏن شهر تائين، ۽ وڏن شهرن کان ڳوٺن تائين، اِهي بسون هلنديون آهن.
- اعراب: زير، زبر پيش سنڌي اکرن ۾ ملائڻ سان، انهن جي معنيٰ يا مطلب تبديل ٿي ويندو آهي. توهان مان ڪير اهڙو لفظ ٻڌائيندو جنهن جي اکر ۾ زير، زبر يا پيش لڳائڻ سان ان جي معنيٰ تبديل ٿي ويندي؟
- ٽرئفڪ جا نشان روڊ رستن تي هلڻ لاءِ مددگار هوندا آهن. ڳاڙهو رنگ جي بتي معنيٰ بيهي رهو پيلي رنگ جي بتي ٻري تہ معنيٰ تيار ٿي وڃو ۽ جڏهن سائي رنگ جي بتي ٻري تہ گاڏي اڳتي هلايو.

## مشق:

(الف) خالي جاين جا صحيح جواب.

۱. ٽرانسپورٽ

۲. عام ماڻھو

۳. مسافر

(ب) سوالن جا جواب:

۱. اڄ جي دور ۾ آرام سان سفر ڪرڻ لاءِ بسون، ڪوچون ۽ ٻيون گاڏيون اچي ويون آھن.

۲. وڏن شھرن ۾ ڪوچ بسون ھلنديون آھن.

۳. ڊگھي سفر جي فاصلي لاءِ ڪوچون استعمال ٿينديون آھن.

(ج) اعراب پڙھايو.

سُٽُ، سَٽِ. سُرُ، سَرَ، سِرَ. گھُر. گھُرَ. گھرِ. ھُلُ، ھَلُ.

(د) پسند جي سُواري: منھنجي پسند جي سُواري ريل آھي. ريل ڊگھي ھوندي آھي. جنھن ۾ سوين ماڻھو سفر ڪندا آھن. سفر آرام سان گذرندو آھي. ماڻھو سُمھي، ويھي يا ڪيڏي بہ سگھي ٿو. ريل جو سفر مزيدار ھوندو آھي.

(ھ) يارنھن-ٻارنھن-تيرھن-چوڏنھن-پندرنھن-سورنھن/سترنھن-ارڙنھن-اوڻيھہ-ويھہ.

## سرگرمي

- ٻارن جون چار ٽوليون ٺاھيو ۽ ھر ٽولي ٻڌائيندي تہ ھنن ڪھڙي سُواري ۾ سفر ڪيو آھي. ڪا بہ سُواري، اسڪوٽر، ڪار، بس، ڪوچ. ان ۾ ڇا ڇا ھو؟ ڪٿان ڪان ڪيستائين ويا ھئا، وغيرھ. جيڪا ٽولي وڌيڪ سفر بابت ٻڌائي، تنھن کي شاباس چئوءِ سيني ٽولين جي حوصلا افزائي ڪريو.

# سبق ارڙهون

## سَٽَ ڪُٽَ رانڊِ

### سکيا جي حاصلات:

- پنهنجي پسند جي موضوع تي مناسب آواز، لهجي، تاثرات سان پنج کان ستن جملن ۾ ڳالهائي سگهي.
- مذڪر جا مؤنث ۽ مؤنث جا مذڪر ٺاهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن جانور، پکي، يا شيءِ راند بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- ڳالهائڻ وقت جملن ۾ (آهي، آهيان، آهيون، آهن، ٿو ٿي، ٽا) جو استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٻيون، صفحو نمبر ۵۲-۵۳-۵۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵۲ کولڻ جي هدايت ڪندي سبق "سَٽَ ڪُٽَ راند" ڏسڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۷۹ تي ڏنل آهن.)
- سيني شاگردن کي صفحو ۵۲ کولڻ جي هدايت ڪريو ۽ سبق ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو.
- سبق کي وڏي آواز ۾ شاگردن کي پڙهي ٻڌايو.
- هيءَ راند سَٽ ڪُٽ چو سڏبي آهي؟ هن راند ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ توهان هي راند ڪڏهن کيڏي آهي؟ ڪهڙي راند توهان کي پسند آهي، اُها ڪيئن کيڏبي آهي؟ سنڌ ۾ کيڏي ويندڙ ٽن رانديِن جا نالا ڪير ٻڌائيندو؟
- ٻارن کي ٻڌايو تہ سنڌ ۾ ڪيترين ئي رانديون کيڏيون وينديون آهن. جيئن ملاڪڙو، نو ٽڻ، لڪ لڪوٽي، اٽي ڏڪر وغيره وغيره. پر سَٽ ڪُٽَ جو پنهنجو مزو آهي. هن راند ۾ هلڪي رٻڙ جو بال استعمال ٿيندو آهي، تنهنڪري هي لڳڻ سان گهڻو سور ناهي ٿيندو.
